# هاٿي ۽ ڪِيلي

هيءَ پُراڻي زماني جي ڳالهه آهي. هِڪ ڏينهن هِڪ هاٿي جو پير هِڪَ ڪِيليءَ مٿان اچي ويو. ڀڳوان جي قدرت، ڪِيلي هِڪ تمام ننڍڙي ڪڏڙيءَ ۾هجڻَ ڪري بچي ويئي. ڪِيليءَ هاٿيءَ کي رڙ ڪاڙي چيو،"مُئا ماريا هيڏو سارو ٿيو آهين، ڏسي نٿو هلين؟ جيڪڏهن مان مري پوان هان تہ مُنهنجي پيارن ٻچن کي ڪير سنڀالي ها؟"

هاٿي کاوڙجي کيس چيو،" آهين تہ تِر جيتري! هلي آهين مُون کي سيکارڻ؟" اِئين چئي هاٿيءَ پنهنجي سُونڊ سان ڪِيلي کي هِڪ اِهڙي تہ ڦوڪ ڏني جو ڪِيلي ويچاري هوا ۾ اُڏامندي هاٿيءَ جي ڪن ۾ پئجي ويئي. ڪِيليءَ هاٿيءَ جي ڪن ۾ چڪ پاتو. هيڏو سارو هاٿي درد وچان ٽپا ڏيڻ لڳو. هيٺ ليٽڙيون پائڻ لڳو. ڪِيلي هاٿي جي ڪن مان ٻاهِر نِڪري آئي. هاٿيءَ کي ڌمڪي ڏيندي چيائين،" ڏٺئي تماشو مون تر جيتريءَ ڪِيليءَ تو جهڙي پربت کي ڪئين نہ ليٽائي ڇڏيو! خبردار اڳتي سنڀالي هلجانءِ هِن دفعي توکي ڇڏي ٿي ڏيان."

وڏا ڳالهہ ڪندا آهن تہ اُن ڏينهن کان پوءِ هاٿيءَ کي ڪِيلي کان اِيترو تہ ڊپ ٿيندو آهي جو ڏينهن رات پيو پنهنجا ڪن، وڃڻي وانگر هيڏانهن هوڏانهن لوڏيندو آهي. کيس ڊپ لڳندو آهي تہ متان وري نہ ڪِيلي ڪن ۾ پئجي وڃي.

<u>نصيحت</u> : ٻارو ڪنهن کي بہ وڏائي نہ ڪرڻ ڪپي .